# الله وارن جي نماز

هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# الله وارن جي نماز

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان **درود شريف** پڙهيا هوندا." (فردوس الاخبار ج2 ص481، حديث 8210 دار الڪتاب العربي بيروت)

ذکرو درود ہر گھڑی ورد زبان رہے ميری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو

(2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر :125 اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة [2] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڏاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

2...بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذڪر عن بني اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

# قرآن ۽ نماز جو شيدائي

حضرت سَيِّدُنا جابِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحابہء ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي مجاهدات ۽ عبادات جو ذڪر ڪندي شمع رسالت جي پروانن جا واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اسان رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪنهن غزوه ۾ وياسين، واپسي ۾ اسان جو جابلو علائقي کان گذر ٿيو ۽ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اتي قيام جو حڪم فرمايو. سڀ صحابہء ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان آرام جي لاءِ اُتي ترسي پيا، الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اڄ رات توهان مان ڪير پهرو ڏيندو؟ هڪ مهاجر ۽ هڪ انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا اُتي بيٺا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي سعادت اسان حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا، اسان کي قبول فرمائي ونو. پوءِ اهي ٻئي اجازت سان پهري جي لاءِ تيار ٿي ويا. ٻنهي مشورو ڪيو ۽ انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: اسان ايئن ٿا ڪريون جو اڌ رات اسان مان هڪ پهرو ڏيندو ۽ ٻيو سمهي رهي، پوءِ بقايا اڌ رات ٻيو پهرو ڏيندو ۽ پهريون سمهي رهي، تنهنڪري توهان سمهي پئو آئون جاڳان ٿو پوءِ توهان پهرو ڏجو. مهاجر صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ آرام فرمائڻ لڳا ۽ انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پهري ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. ڪجهه دير کان پوءِ انهن نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ سوره ڪهف جي قراءت ڪرڻ لڳا. دشمن جي طرف کان هڪ شخص آيو ۽ ان جبل تي چڙهي ڪري ڏٺو تہ ان کي هڪ شخص نماز پڙهندي نظر آيو، ان ڪمان تي تير چاڙهيو ۽ نشانو ٻڌي ڪري ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي تير هلائي ڇڏيو ، تير پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي جسم ۾ پيوست



www.dawateislami.net

تي ويو، پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کا حرکت نہ کئي ۽ نماز ۾ مشغول رهيا، ان ظالم ٻيو تير هنيو، اهو بہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي جسمِ اقدس ۾ لهي ويو، پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن نماز نہ ٽوڙي پوءِ ان ٽيون تير هنيو ، اهو بہ سڌو آيو ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي زخمي ڪندو جسم ۾ پيوست ٿي ويو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن رڪوع ۽ سجود ڪيا ۽ نماز مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ساٿي کي جاڳايو. جڏهن ان ڪافر ڏٺو تہ اتي هي اڪيلو نہ آهي بلڪ ان جا رُفقاء (ساٿي) بہ قريب ئي موجود آهن تہ يڪدم ڀڄي ويو. مهاجر صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي رفيق (ساٿي) جي اها حالت ڏٺي تہ جلدي جلدي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي جسم مان تير ڪڍيا ۽ پڇيو: جڏهن توهان تي دشمن حملو ڪيو تہ توهان مونکي ڇو نہ جاڳايو؟ ان تي قرآن ۽ نماز جي شيدائي ان انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جواب ڏنو: مون نماز ۾ هڪ سورت شروع ڪئي هئي مون اهو گوارا نہ ڪيو جو سورت کي اڌورو ڇڏي نماز ٽوڙي ڇڏيان، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن منهنجي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پهري جي ذميداري نہ ڏني هجي ها تہ آئون پنهنجي جان ڏئي ڇڏيان ها پر سورت کي ضرور مڪمل ڪريان ها، پر مونکي حُضُور سراپا نُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پهري جو حڪم فرمايو هو تنهن لاءِ منهنجي ذميداري هئي جو ان کي احسن (چڱي) طريقي سان سرانجام ڏيان. جڏهن مون ڏٺو تہ آئون تمام گهڻو زخمي ٿي ويو آهيان تہ انهي احساسِ ذميداري جي سبب نماز کي مختصر ڪري ڇڏيو ۽ توهان کي جاڳائي ڇڏيو تہ جيئن دشمن مزيد حملو نہ ڪري سگهي.

(عُيونُ الحڪايات، حصه اوّل،ص٣٣)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

سُبْحٰنَ اللهعَزَّوَجَلَّ قربان وڃو! ان پاڪ هستين ڪي نماز ۽ قرآن سان ڪهڙي محبت ۽ چاهه هئي جو جان جي پرواهه نہ ڪئي ۽ نماز ۾ مشغول رهيا ۽ هڪ اسين آهيون جو اوّل تہ اسين نماز پڙهندا ئي نہ آهيون ۽ جيڪڏهن پڙهي بہ وٺون تہ گهرٻار ۽ ڪاروبار جو اهڙو فڪر مٿي تي سُوار هوندو آهي جو نهايت جلدي جلدي نماز ادا ڪندي جڻ تہ ان ڪي مٿي تان لاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ياد رکو! جلدبازي ۾ نماز پڙهڻ جي وجه سان عمومًا نماز ۾ اهڙيون غلطيون ٿي وينديون آهن جنهن جي سبب نماز ضايع ٿي ويندي آهي. جيئن تہ

حضرتِ سَيِّدُنا حُذَيفه بن يَمان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن هڪ شخص ڪي نماز ڏٺو جيڪو نماز پڙهندي رڪوع ۽ سجود پورا ادا نہ ڪري رهيو هو. ان ڪي فرمايائون: تو جيڪا نماز پڙهي جيڪڏهن ان حالت ۾ انتقال ڪري وئين تہ حضرتِ سَيِّدُنا محمدِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طريقي تي تنهنجو موت واقع نہ ٿيندو. (بخاري،ڪتاب الاذان،باب اذا لم يتم الرڪوع، ١/٢٧٧، حديث:٧٩١) هڪ ٻي روايت ۾ هي بہ آهي تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن پڇيو: تون ڪڏهن کان اهڙي طرح نماز پڙهي رهيو آهين؟ ان چيو: چاليهہ (40) سالن کان. فرمايائون: تو چاليهہ (40) سالن کان بلڪل نماز ئي نہ پڙهي آهي ۽ جيڪڏهن انهي حالت ۾ توکي موت اچي ويو تہ دينِ محمدي عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام تي نہ مرندين. (نسائي، ڪتاب السهو، باب تطفيف الصلوة، ص٢٢٥، حديث: ١٣٠٩) اَلْاَمَان وَ الْحَفِيْظ! الله تعالٰي اسان جي ايمان جي حفاظت فرمائي.



www.dawateislami.net

خدایا بُرے خاتمے سے بچالے

گنہگار ہے جاں بلب یاالٰہی

(وسائلِ بخشش)

اٰمین بجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سڪون ۽ اطمينان سان نماز پڙهڻ جي تعليم

حضرت سَيِدُنا ابُو هُرَيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مسجد ۾ تشريف وٺي آيا، هڪ شخص آيو ۽ ان نماز پڙهي پوءِ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي سلام پيش ڪيو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سلام جو جواب ڏنو ۽ ارشاد فرمايو: وڃ نماز پڙهه ڇو جو تو نماز (دُرُست) ناهي پڙهي، پوءِ هو شخص ساڳي نموني نماز پڙهي، وري نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي سلام ڪيو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سلام جو جواب ڏنو ۽ ارشاد فرمايو: وڃ وڃي نماز پڙهه، تو نماز ناهي پڙهي، اهڙي طرح 3 ڀيرا ٿيو ته ان شخص عرض ڪيو: ان ذات جو قسم! جنهن توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حق سان گڏ موڪليو آهي! مونکي اهڙي ئي نماز اچي ٿي، توهان ئي مونکي سيکاريو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن تون نماز لاءِ بيهين ته تڪبير چئو پوءِ ايترو قرآن پڙهه جيترو آساني سان پڙهي سگهين پوءِ اطمينان سان رڪوع ڪر، پوءِ رڪوع مان مٿو کڻي سڌو بيهي رهه، پوءِ اطمينان سان سجدو ڪر پوءِ مٿو



www.dawateislami.net

ڪٽي اطمينان سان ويهي رهه ۽ پوري نماز اهڙي طرح مڪمل ڪر.

(بخاري ، ڪتاب الاذان، باب وجوب القراءة...الخ،١/١٥٢،حديث٧٥٧)

نَمازوں میں مجھے ہر گز نہ ہو سُستی کبھی آقا

پڑھوں پانچوں نَمازیں باجماعت یارسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش)

ان حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو ته واجب رهجي وڃڻ جي صورت ۾ نماز کي موٽائڻ واجب آهي. خيال رهي ته ڀُلجي ڪري واجب ڇڏجي وڃڻ تي سجده سهو واجب آهي ۽ عمدًا (ڄاڻي واڻي) ڇڏڻ تي نماز ورائي پڙهڻ واجب. ڳڙوڳڏ هي به معلوم ٿيو ته نماز ۾ تعديلِ ارڪان، يعني اطمينان سان ادا ڪرڻ واجب آهي. ڇو جو اهي بزرگ جلدي ۾ ادا ڪري اچي ويا هئا، تنهنڪري نماز ٻيهر ادا ڪرائي وئي، يعني هردفعه اهي نماز پڙهي ڪري ايندا، سلام عرض ڪندا ۽ واپس موٽايا ويندا هئا. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ٽيهرين ڀيري انهن کي نماز جو طريقو نه سيکاريو بلڪ ڪيئي دفعه پڙهائي ڪري ٻڌايو ته جيئن اهو واقعو سندن کي ياد رهي ۽ مسئلو چڱي نموني ياد رهي ڇو جو جيڪا شيءِ مشقت ۽ انتظار سان حاصل ٿيندي آهي اها دل ۾ ويهي رهندي آهي.

(مرآة المناجيح،٢/١٢ ملخصاً و ملتقطا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۽ ان جي شرح مان معلوم ٿيو ته نماز رُڪجي رُڪجي ڪري نهايت سڪون ۽ اطمينان سان ادا ڪرڻ گهرجي. حديثِ پاڪ ۾ جيڪو فرمايو ويو ته "**اطمينان سان رڪوع ڪريو پوءِ رڪوع مان مٿو ڪٽي سڌو بيهي رهو، پوءِ اطمينان سان سجدو ڪريو پوءِ اطمينان سان ويهي رهو**" انهي جو نالو "**تعديلِ ارڪان**" آهي. صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه



www.dawateislami.net

مولانا مُفتي محمد اَمجَد علي اَعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡقَوِی بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: تَعدِيلِ اَرکان يعني رُڪوع و سُجُود و قومه و جلسه (رکوع مان سڌو ٿيڻ ۽ ٻنهي سجدن جي درميان ويهڻ) ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو "سُبۡحٰنَ الله" چوڻ جي قدر (مقدار) رُڪجڻ (واجب آهي) تَعدِيلِ اَرکان وساري ڇڏيائين (ته) سجدهء سهو واجب آهي. (بهارِ شريعت،حصّه سوم،۵۱۸/۱،حصّه چهارم،۷۱۱/۱) بهرحال وضو ۽ غسل جي درست طريقي سان گڏوگڏ نماز جا واجبات ، مڪروهات ، مفسدات (نماز کي ٽوڙڻ واريون شيون) ۽ ٻين ضروري مسائل جي معلومات هئڻ گهرجي ته جيئن اسان جون نمازون خراب ۽ ضايع نه ٿين. ڇو جو هر عاقل بالغ مسلمان تي جهڙي طرح نماز پڙهڻ فرض آهي اهڙي طرح حسبِ حال نماز جا مسائل سکڻ به فرض آهي.

## ڪتاب "نماز جا احڪام" جو تعارف

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شيخ طريقت،اَمِيرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن مسلمانن جي خيرخواهي جي جذبي جي تحت نماز جي مسائل جي باري ۾ 342 صفحن تي مشتمل نهايت ئي آسان ڪتاب **"نماز جا احڪام"** جي نالي سان تاليف فرمائي آهي. هي ڪتاب درحقيقت اَمِيرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي تحرير ڪيل ٻارنهن (12) رسائل جو مجموعو آهي جيڪو يقيناً امتِ مسلمه جي لاءِ هڪ عظيم تحفو آهي. ان ۾ وضو ۽ غسل جي طريقي کان وٺي ڪري نماز جو طريقو، ان جا فضائل، فرائض، واجبات، سنتون، مڪروهات ۽ مفسدات تائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه قضا نمازن جو طريقو، اذان ۽ جوابِ اذان جا ڪلمات ۽ فضائل، نمازِ سفر ۽ نمازِ عيد، نمازِ جنازه جو طريقو ۽ ان جي متعلق ضروري مسائل به بيان



www.dawateislami.net

ڪيا ويا آهن. بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي هي ڪتاب هر گهر جي ضرورت آهي تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته مڪتبة المدينہ کان هي ڪتاب هديو ڏئي حاصل ڪري نہ صرف خود ان جو مطالعو ڪريو بلڪ پنهنجي گهر جي ڀين ڀاتين کي بہ ان جي مطالعي جي ترغيب ڏياريو. اسلامي ڀينرن جي لاءِ اَمِيرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو ڪتاب **"اسلامي ڀينرن جي نماز"** تمام ئي زبردست ڪتاب آهي، ان کي اسلامي ڀينرن جو پڙهڻ بي حد ضروري آهي.

افسوس في زمانہ دنياوي علوم ۽ فنون سکڻ جي لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۽ مال جي وڏي کان وڏي قرباني ڏني ويندي آهي پر نماز جيڪو دين جو ٿنڀ آهي، ان جا مسائل سکڻ جي لاءِ ڪوشش ناهي ڪئي ويندي. عين ممڪن آهي جو علمِ دين کان محرومي ۽ جلدبازي جي وجہ سان اسان جون نمازون ضايع ٿي ويندون هجن ۽ اسان کي خبر نہ پوندي هجي. اسان جي اسلاف ۽ بزرگانِ دين کي نمازن سان دلي لڳاؤ هوندو هو. اهي حضرات نماز جي سمورن آداب جو خيال رکندي فرائض تہ فرائض، نوافل بہ نهايت ئي سڪون ۽ اطمينان سان ادا ڪندا هئا. اچو تہ ترغيب جي لاءِ انهيءَ متعلق بزرگانِ دين تي (3) واقعا پڙهون ٿا. جيئن تہ

## (1) اعلٰي حضرت جي نماز

حضرت مولانا محمد حسين چشتي نِظامي فَخري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن کي ڪجهہ سال اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي فتاوٰي لکڻ جي خدمت حاصل رهي، پاڻ فرمائن ٿا تہ اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن پوري ڄمار لازمي طور تي جماعت سان نماز پڙهي ۽ ڪيتري ئي گرمي



www.dawateislami.net

چو نہ ھجي ھميشہ دستار (عمامي) ۽ انگرکي (ڪُرتي جي مٿان پائڻ واري ھڪ پوشاڪ) سان گڏ نماز پڙھندا ھئا (يعني نماز جي لاءِ لباس ۾ بہ خصوصي اھتمام فرمائيندا ھئا). خصوصًا فرض نماز تہ صرف ٽوپي ۽ ڪرتي سان گڏ ڪڏھن ادا نہ ڪئي. مزيد فرمائن ٿا تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جيتري قدر احتياط سان نماز پڙھندا ھئا، اڄڪلھ اھا ڳالھ نظر نہ ٿي اچي. ھميشہ منھنجون بہ رڪعتون انھن جي ھڪ رڪعت ۾ ٿينديون ھيون ۽ ٻيا ماڻھو منھنجي چار رڪعتن ۾ گھٽ ۾ گھٽ ڇھ (6) رڪعتون بلڪ اٺ (8) رڪعتون بہ پڙھي وٺندا ھئا. (حياتِ اعليٰ حضرت،١٥٣/١بتغير)

ھو جائیں مولا مسجدیں آباد سب کی سب
سب کو نمازی دے بنا یاربِّ مصطفٰے

(وسائلِ بخشش)

## (2) اھا ڪاٺي ڪٿي آھي؟

حضرتِ سيدُنا ابُوالاحوَص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ حضرتِ سيدُنا مَنصُور بن مُعْتَمِر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جِي پاڙيسري پنھنجي والد صاحب کان پڇيو: بابا! حضرتِ سيدُنا مَنصُور رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڇت تي ھڪ ڪاٺي ھئي اھا ڪيڏانھن وئي؟ انھن ٻڌايو: پٽ! اھا (ڪاٺي نہ ھئي بلڪ خود) حضرتِ سيدُنا مَنصُور رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ھئا جيڪي رات جو قيام ڪندا ھئا. (حلية الاولياء، منصوربن معتمر،ص٤٦، رقم:٦٢٦٩) انھن جي باري ۾ حضرتِ سيدُنا عَلاء بن سالِم عَبدي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ حضرتِ سيدُنا مَنصُور بن مُعْتَمِر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنھنجي ڇت تي نماز پڙھندا ھئا. جڏھن پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو انتقال ٿي ويو تہ ھڪ نينگر پنھنجي ماءُ کان پڇيو: امڙ! فلاڻ جي ڇت تي کُجور



www.dawateislami.net

جو ٿڙ هو اهو ڏسڻ نہ تو اچي؟ ماءُ چيو: اهو ڪو ٿڙ نہ هو بلڪ حضرتِ سيّدُنا مَنصُور عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡغَفُوۡر هئا جيڪي (عبادت ڪندا هئا ۽ هاڻي) انتقال فرمائي ويا. (حلية الاولياء،منصوربن معتمر،ص۴٦،رقم:٦٢٦٠)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
(وسائلِ بخشش)

## حضرتِ سيّدُنا حاتِمِ اَصَمّ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي نماز

حضرتِ سيّدُنا حاتِمِ اَصَمّ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ ڀيري حضرت عاصِم بن يوسُف مُحَدّث رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ملاقات جي لاءِ تشريف وني ويا تہ حضرت عاصِم بن يَوسُف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن انهن کي فرمايو تہ اي حاتم! ڇا توهان نماز چڱي نموني ادا ڪندا آهيو؟ تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايو: جي ها. حضرت عاصِم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن پڇيو: توهان ٻڌايو تہ ڪهڙي نموني نماز پڙهندا آهيو؟ تہ حضرتِ حاتِم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو تہ جڏهن نماز جو وقت قريب ٿي ويندو آهي تہ نهايت ئي ڪامل ۽ مڪمل طريقي سان وُضُو ڪندو آهيان. پوءِ نماز جو وقت اچي وڃڻ تي جڏهن مصلّي تي قدم رکندو آهيان تہ ان طرح بيهي رهندو آهيان جو منهنجي جسم جو هر جوڙ پنهنجي جڳهہ تي برقرار ٿي ويندو آهي پوءِ آئون پنهنجي دل ۾ اهو تصور جمائيندو آهيان تہ خانهء ڪعبہ منهنجي ٻنهي ڀِرُن جي درميان ۽ مقامِ ابراهيم منهنجي سيني جي سامهون آهي پوءِ آئون پنهنجي دل ۾ اهو يقين رکندي جو الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ظاهري حالت ۽ منهنجي دل ۾ لڪيل تمام خيالات



www.dawateislami.net

ڪي جاٽي تو اهڙي طرح بيهندو آهيان جو ڄڻ تہ پل صراط تي منهنجا قدم آهن ۽ جنت منهنجي ساڄي طرف ۽ جهنم منهنجي کاٻي طرف ۽ مَلَکُ الْمَوْت منهنجي پويان آهن ۽ ڄڻ تہ اها نماز منهنجي زندگي جي آخري نماز آهي، ان کان بعد تکبيرِ تحريمہ نهايت ئي اخلاص سان چوندو آهيان پوءِ انتهائي تدبُّر ۽ غوروفڪر سان قراءت ڪندو آهيان، پوءِ نهايت ئي تواضع سان رڪوع ۽ ٻاڏائيندي انڪساري سان سجدو ڪندو آهيان. پوءِ انهيءَ طرح پوري نماز نهايت ئي خضوع و خشوع سان ادا ڪندو آهيان. هي ٻڌي ڪري حضرت عاصِم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن حيرت سان پڇيو تہ اي حاتِم اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه! ڇا واقعي توهان هميشہ ۽ هر وقت اهڙي طرح نماز پڙهندا آهيو؟ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جواب ڏنو تہ جي ها! ٽيهہ (30) سالن کان آئون هميشہ ۽ هر وقت انهيءَ طرح هر نماز ادا ڪندو آهيان.

(روح البيان، ۱/۳۳)

اَوقات کے اندر ہی پڑھوں ساری نَمازیں

اللہ! عبادت میں مِرے دل کو لگادے

(وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اسان جا بزرگانِ دين ڪيتري قدر خشوع و خضوع، ذوق و شوق ۽ يڪسوئي سان ڊگهيون نمازون پڙهندا هئا ۽ هڪ اسان آهيون جو جيڪڏهن نماز پڙهڻ جي سعادت ملي بہ وڃي تہ نهايت سستي، ڪاهلي ۽ بي توجهي سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي نماز



www.dawateislami.net

ادا ڪندا آهيون جنهن جي سبب خشوع و خضوع حاصل ٿئي ٿو ۽ ٿي سگهندو آهي.

## کھڙي رڪن ۾ ڪٿي نظر ھئڻ گھرجي؟

خليفه اعليٰ حضرت، مولانا سَيد ايوب علي رضوي رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جو بيان آهي ته (هڪ ڏينهن) ظهر جي نماز کان پوءِ اعلٰي حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه مسجد ۾ وظيفه پڙهي رهيا هئا ته هڪ اجنبي شخص سامهون اچي نيت ٻَڌي. جڏهن رڪوع ڪيو ته ڪنڌ ڪٽي سجدي گاهه کي ڏسندو رهيو. فارغ ٿيڻ تي اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جن ويجهو گهرائي پڇيو ته رڪوع جي حالت ۾ ايتري قدر ڪنڌ چو ڪنيو هُيو؟ انهن عرض ڪيو ته حُضور سجدي جي جڳهه کي ڏسي رهيو هئس فرمايو ته سجدي ۾ ڇا ڪندؤ (يعني هر حالت ۾ سجدي جي جڳهه تي نظر نه هئڻ گهرجي) پوءِ فرمايو: قيام جي حالت ۾ نظر سجدي جي جڳهه تي ۽ رڪوع جي حالت ۾ پيرن جي آڱرين تي، تسميع جي حالت ۾ (رڪوع کان اٿڻ وقت) ڇاتي تي ۽ سجدي جي حالت ۾ نڪ تي ۽ قُعود جي حالت ۾ (اَلتَّحِيَّات وغيره پڙهندي) پنهنجي هنج ۾ نظر رکڻ گهرجي ڳڏوڳڏ سلام ڦيرڻ وقت ڪاتبين (اعمال لکڻ وارن فرشتن) کي ملحوظ رکندي ٻنهي ڪلهن تي نظر رهڻ گهرجي.

(حياتِ اعلٰي حضرت، ۳۰۳/۱ بتغير)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان بچڻ گهرجي. ياد رکو! نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سان توجه هٽندي آهي ۽ دل نماز جي بجائي ٻين شين ۾ مشغول ٿي ويندي آهي، شايد انهيءَ وجه سان نماز پڙهڻ جي باوجود نه ئي اسان کي ان جي لذت محسوس ٿيندي



www.dawateislami.net

آهي ۽ نہ ئي دل ۾ ان جو حقيقي شوق پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ معمولي مٿي جي سور يا هلڪي ڦلڪي بيماري يا صرف سستي ۽ ڪاهلي جي سبب آئي ڏينهن اسان جون نمازون قضا ٿي وينديون آهن بلڪ ڪجهه اهڙا ماڻهو بہ آهن جو جڏهن انهن جي هڪ يا ڪجهه نمازون رهجي وڃن تہ هفتن جا هفتا بلڪ مهينن تائين ڄاڻي واڻي نماز ڇڏي ڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ انهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي نمازن جي ترغيب ڏياريندو آهي تہ چوندا آهن "هاڻي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ايندڙ جمعي کان ٻيهر نمازون پڙهڻ شروع ڪندس يا رمضان کان باقاعده نمازن جو اهتمام ڪندس" ڇڻ تہ ڪنهن قسم جي شرم ۽ جهِجهڪ جي بغير وڏي بهادري سان مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهہ جو اقرار ڪيو ويندو آهي تہ نمازون ڇڏڻ جو هي ڪبيره گناهہ آئون جمعي جي ڏينهن تائين يا رمضان المبارڪ تائين مسلسل جاري رکندس. يقيناً هي سڀ ڪجهه خوفِ خدا ۽ شوقِ عبادت نہ هئڻ جو وبال آهي نہ تہ جنهن جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ۽ عبادت جو ذوق ۽ شوق هوندو آهي اهو هر حال ۾ نمازن جي پابندي ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني کان بچندو آهي. اسان جا اسلاف ۽ بزرگانِ دين شديد بيماري، ضَعِيفُ العُمري يا تمام گهڻي جسماني ڪمزوري جي باوجود بہ نمازن کان غفلت نہ ڪندا هئا بلڪ جيستائين ڪا شرعي مجبوري نہ هوندي هئي نمازِ باجماعت جي پابندي ڪندا هئا. جيئن تہ



www.dawateislami.net

## بيماري جي باوجود نماز جي ادائيگي

حضرتِ سيدُنا سفيان ثوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی چون ٿا: اسان کي حضرتِ سيّدُنا طلحه بن مَصرَف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي باري ۾ ان جي پاڙيسري ٻڌايو تہ اُهي بيمار آهن. اسان عيادت جي لاءِ وياسين تہ حضرتِ سيّدُنا زُبيد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن انهن کي چيو: ”اُٿو! نماز پڙهي وٺو، مونکي معلوم آهي تہ توهان نماز سان محبت کندا آهيو.“ هي ٻڌندي ئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه نماز جي لاءِ بيهي رهيا. (حلية الاولياء، طلحة بن مصرف،۵/۲۱،رقم:٦١٧١)

## نمازِ باجماعت جي بي مثال پابندي

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن عَرعَرَه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرتِ سيّدُنا يحيٰي بن قَطان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جڏهن حضرتِ سيّدُنا امام اَعمش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو ذکر کندا هئا تہ فرمائيندا هئا: اُهي تمام عبادت گذار هئا ۽ نمازِ باجماعت ۾ پهرين صف جي پابندي کندا هئا. پاڻ هي بہ فرمايو تہ حضرتِ سيّدُنا امام اَعمش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اسلام جي نشاني (يعني نهايت ضَعِيفُ العُمر) هئا ۽ پاڻ ديوار جو سهارو وٺندي وٺندي پهرين صف تائين پهچي ويندا هئا.

(حلية الاولياء، سليمان الاعمش،۵/۵۸،رقم:٦٣١٠)

میں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نمازیں

اللہ! عبادت میں مِرے دل کو لگادے

(وسائلِ بخشش)



www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ ڀيري سخت بيمار ٿي پيا آخرڪار آپريشن جو طئِ ٿيو. جيئن ته 21 ڊسمبر 2002ء ۾ راجپوتانه اسپتال (حيدرآباد) ۾ داخل (Admit) ٿيا. ڊاڪٽر صاحب جن ٻنپهرن يا شام جو آپريشن جو وقت ڏيڻ چاهيو ته فرمايائون ته آئون چاهيان ٿو ته منهنجي ڪا نماز بي هوشي ۾ نه رهجي وڃي. تنهنڪري عشاء جي نماز کان پوءِ طئِ ٿيو. آپريشن کان پهرين بئي هٿ ٽيبل جي پاسن سان ٻڌيا ويا ۽ بعد ۾ جيئن ئي کوليا ويا ته پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن فورًا ئي نماز جي قيام وانگر ٻڌي ورتا. اجا توري بي هوشي طاري هئي، درد جي ڪري چنگهڻ يا رڙيون ڪرڻ جي بجاءِ زبان تي ذڪر و درود ۽ مناجات جو سلسلو جاري ٿي ويو، يڪدم پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن پڇيو: ڇا فجر جي نماز جو وقت ٿي ويو آهي؟ جيڪڏهن ٿي ويو آهي ته مونکي پاڪ ڪيو وڃي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ فجر جي نماز پڙهندس. سندن کي ٻڌايو ويو ته فجر ۾ اجا ڪافي دير آهي. (اميرِ اهلسنت جو آپريشن جون ايمان افروز جهلڪيون، ص 1-3 ملخصاً)

اعلٰي حضرت، اِمامِ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هڪ استفتاء جوجواب لکڻ کان پهرين جواب ۾ تاخير جي وجه بيان ڪندي تحرير فرمائن ٿا: توهان جي رجسٽري 15 ربيع الآخر شريف جو آئي، آئون 12 ربيع الاول شريف جي مجلس پڙهي ڪري (يعني بيان ڪري) شام کان ئي اهڙو عليل (بيمار) ٿيس جو اهڙو ڪڏهن نه ٿيس. مون وصيت نامو به لکرائي ڇڏيو هو. اج تائين هي حالت آهي جو دروازي سان متّصِل (مليل) مسجد آهي. چار



www.dawateislami.net

شخص ڪرسي تي ويهاري مسجد وٺي ويندا ۽ واپسي آڻيندا هئا. (فتاوٰي رضويه،۹/۵۴۷)

ميں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نَمازیں

اللہ! عبادت میں مِرے دل کو لگادے

(وسائلِ بخشش)

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! اعلٰي حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن اهڙي سخت علالت (بيماري) ۾ به جماعت ڇڏي گهر ۾ اڪيلي نماز پڙهڻ گوارا نه ڪيو حالانڪ ايتري شديد علالت جماعت ڇڏڻ جي لاءِ عذر آهي. باني اَلجامعة الاَشرَفيه حافِظِ مِلّت مولانا شاه عبدُالعزيز مُحَدّث مراد آبادي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن اعلٰي حضرت جي انهيءَ بيماريءَ جو حال بيَان ڪيو ته **"هڪ ڏينهن مسجد ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪو نه هو، جماعت جو وقت ٿي ويو هو، طبيعت پريشان (ٿي وئي)، ناچار پاڻ ئي ڪنهن طرح گِهلجي (مسجد ۾) حاضر ٿيا ۽ باجماعت نماز ادا ڪئي."** اج صحت ۽ طاقت ۽ تمام تر سهولتن جي باوجود نماز ڇڏڻ ۽ جماعت ڇڏڻ جي ماحول ۾ هي واقعو هڪ عظيم درس آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته معمولي بيماري، مٿي جي سور يا ٿوري گهڻي پريشاني جي بنا تي نماز ڇڏڻ جي بجاءِ پنهنجو پاڻ کي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ نمازِ باجماعت جو پابند بڻايون. ياد رکو! ته بغير ڪنهن شرعي عذر جي مسجد جي جماعت ڇڏڻ گناه آهي. جيئن ته بهارِ شريعت ۾ آهي: عاقل، بالغ، حُرّ (آزاد ۽) قادر تي جماعت واجب آهي، بغير ڪنهن عذر جي ڇڏڻ وارو گناه گار ۽ سزا جو مستحق آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ڇڏي، ته فاسق مردودُ الشهاده (آهي) ۽ ان کي سخت سزا ڏني ويندي.

(بهارِ شريعت،حصّه سِوُم،۱/۵۸۲)



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ انسان جو سڀ کان وڏو دشمن شيطان آهي. جيڪو هميشہ جي لاءِ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ کان ڌتڪاريو ويو آهي. شيطانِ لعين ڪڏهن بہ هي نہ چاهيندو تہ هو خود تہ رب عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جي سبب جهنم ۾ وڃي ۽ اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي فرمانبرداري ڪري جنت جا حقدار بڻجي وڃون تنهنڪري اهو هر وقت نماز ۽ روزي جي پابندي ۽ ٻين عبادتن جي بجاآوري کان روڪڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي، سڀ کان پهرين نوافل ۽ مستحبات کان انسان کي روڪيندو آهي پوءِ سنتون ڇڏجڻ لڳنديون آهن، ان کان بعد واجبات جو وارو ايندو آهي ۽ آخرڪار فرائض کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن اڄ اسين جماعت کي ڇڏينداسين تہ سڀاڻي شيطان جي چوڻ تي نمازن کان ئي هٿ ڌوئي ويهنداسين. اهو ئي سبب آهي تہ اسان جا اسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام اوّل تہ جماعت ئي نہ ڇڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن شرعي عذر جي ڪري تي ڪڏهن نماز رهجي بہ ويندي هئي تہ ڪين ايتري قدر افسوس ٿيندو هو جو اهي مجبورًا رهجي ويل ان جماعت جي تلافي جون بہ پنهنجي طور تي ڪوششون شروع ڪري ڇڏيندا هئا.

## جماعت رهجي وڃڻ تي سڄي رات عبادت

حضرت سَيِّدُنا نافِع رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي تہ حضرت سَيِّدُنا ابنِ عُمَر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جڏهن بہ (ڪنهن شرعي عذر جي سبب) عشاء جي جماعت ۾ حاضر نہ ٿي سگهندا هئا تہ سڄي رات عبادت ۾ گذاري ڇڏيندا هئا.

(الله وارن جون ڳالهيون، ۱/۵۳۳)



www.dawateislami.net

بهرحال نماز هر مسلمان تي فرض آهي، ان کي پڙهڻ دنيا ۽ آخرت جي سعادتن جو ذريعو آهي ۽ ڇڏي ڏيڻ دنيا ۽ آخرت ۾ محرومين جو سبب آهي. تنهنڪري نماز جي ادائگي ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ کان ان تي استقامت جي دعا بہ ڪرڻ گهرجي. قرآنِ پاڪ ۾ جڳهہ جڳهہ تي نہ صرف نماز جو حڪم ڏنو ويو آهي بلڪ اجر ۽ ثواب جو ذڪر ڪندي ان جي ترغيب بہ ڏياري وئي آهي. اچو تہ انهي متعلق چار (4) فرامينِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ پڙهون.

## نماز جي متعلق 4 فرامينِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ

وَ الْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَ الْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓىٕكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا عَظِيْمًا۠ (۱۶۲) (پ٦، النساء:١٦٢)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ نماز قائم رکندڙ ۽ زڪوٰت ڏيندڙ آهن ۽ الله ۽ قيامت تي ايمان آڻيندڙ ، اهڙن کي عنقريب اسان وڏو ثواب ڏينداسين.

وَ اَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّقُوْهُ ؕ وَ هُوَ الَّذِيْۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ (۷۲) (پ٧، الانعام:٧٢)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هيءَ تہ نماز قائم رکو ۽ انهيءَ کان ڊڄو ۽ اهوئي آهي جنهن جي طرف توهان کي اٿڻو آهي.

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَ قُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ (۲۳۸) (پ٢، البقرة:٢٣٨)

**ترجمو ڪنزالايمان:** مڙني نمازن جي ۽ وچينءَ نماز جي نگهباني ڪريو ۽ الله جي حضور ۾ ادب سان بيهو.



www.dawateislami.net

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ﴿۴۳﴾ (پ۱،البقرة:۴۳)

ترجمو كنزالايمان: ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏ رڪوع ڪريو.

صدرُ الافاضِل حضرت علّامه مولانا سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الْهَادِى آخري آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: ان آيت ۾ نماز ۽ زڪوٰة جي فرضيت جو بيان آهي ۽ انهيءَ طرف به اشارو آهي ته نمازن کي ان جي حقن جي رعايت ۽ ارڪان جي حفاظت سان گڏ ادا ڪريو. **مسئلو:** (انهي آيتِ مبارڪ ۾) جماعت جي ترغيب به آهي.

## جماعت ڇڏڻ جي وعيد

حضرتِ سَيّدُنا ابنِ عبّاس ۽ حضرتِ سَيدُنا ابنِ عُمر رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن کان مروي آهي ته اسان رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منبر تي هي فرمائيندي ٻڌو: لَيَنْتَهِيَنَّ اَقْوَامٌ عَنْ وَدْعِهِمُ الْجَمَاعَاتِ اَوْ لَيَخْتِمَنَّ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوبِهِمْ ثُمَّ لَيَكُوْنُنَّ مِنَ الْغَافِلِيْنَ، ماڻهو جماعت کي ڇڏڻ کان باز اچي وڃن نه ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏيندو پوءِ اهي غافلن مان ٿي ويندا.

(ابن ماجه، ڪتاب المساجد و الجماعات، باب التغليظ في التخلف عن الجماعة، ۴۳٦/۱،حديث:۷۹۴)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ اها وعيد جمعي جي نماز ڇڏڻ جي باري ۾ آئي آهي، جيئن ته نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ماڻهو جمعو ڇڏڻ کان باز رهن نه ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دلين تي مُهر لڳائي ڇڏيندو پوءِ اهي غافلن مان ٿي ويندا.

(مسلم،ڪتاب الجمعة ، باب التغليظ في ترڪ الجمعة، ص ۴۳۰،حديث:۸٦۵)



www.dawateislami.net

مُفسّرِ شهِير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الْمَنَّان ان حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: خيال رهي ته روئي سخن (گفتگو جو رخ) يا ته ان منافقن جي طرف آهي جيڪي جمعه (يا عام نمازن) ۾ حاضر نه ٿيندا هئا يا آئنده اچڻ واري مسلمان جي طرف آهي نه ته ڪو صحابي تارڪِ جمعه (يا تارڪِ نماز يا تارڪِ جماعت) نه هو. (مرآة المناجيح، ٢/٣٣٠)

مَیں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت

ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! رحمتِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مبارڪ آهي: جُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِيْ فِی الصَّلٰوۃِ (نسائي، ڪتاب عشرة النساء، باب حب النساء، ص٦٤٤، حديث:٣٩٤٦) منهنجي اکين جي ٺڌاڻ نماز ۾ رکي وئي آهي. ڀلا اهو ڪهڙو عاشق هوندو جيڪو پنهنجي محبوب جي اکين کي راحت ۽ ٺڌاڻ پهچائڻ نه چاهيندو؟ تنهنڪري اسان کي گهرجي ته نماز جي پابندي ڪندي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي اکين کي ٺڏيون ڪريون ۽ پنهنجو پاڻ کي احاديثِ مبارڪ ۾ بيان ڪيل نماز جي فضائل ۽ برڪتن جو حقدار بڻايون. سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن نماز قائم رکڻ ۽ نمازِ باجماعت جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿيڻ جي ڪيترائي ڀيرا ترغيب ڏياري آهي ۽ ان جا فضائل به بيان ڪيا. اچو ته ترغيب جي لاءِ ڪجھ احاديثِ مبارڪ ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

حضرتِ سَيدُنا ابُو هُرَيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولِ کريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَحَبُّ الْبِلَادِ اِلَی اللہِ مَسَاجِدُھَا وَ اَبْغَضُ الْبِلَادِ اِلَی اللہِ اَسْوَاقُھَا، آبادين ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان پياري جڳهه مسجدون ۽ سڀ کان بُري جڳهه بازار آهن.

(مسلم،کتاب المساجد ...الخ، باب فضل الجلوس في مصلاه ...الخ،ص ٣٣٧،حديث:٦٧١)

حضرتِ سَيدُنا ابُو هُرَيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حُضُورِ اکرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مَنْ غَدَا اِلَی الْمَسْجِدِ اَوْرَاحَ اَعَدَّ اللہُ لَہٗ فِی الْجَنَّۃِ نُزُلًا کُلَّمَا غَدَا اَوْرَاحَ، جيڪو شخص صبح شام جنت ۾ وڃي تہ جيترا پيرا ويندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت ۾ مهماني تيار فرمائيندو.

(مسلم،کتاب المساجد... الخ، باب المشي الي الصلاة... الخ، ص٣٣٦،حديث: ٦٦٩)

رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سَبْعَۃٌ یُظِلُّھُمُ اللہُ فِیْ ظِلِّہٖ یَوْمَ لَا ظِلَّ اِلَّا ظِلُّہٗ، جنهن ڏينهن عرشِ الٰهي کان علاوه ڪا ڇانو نہ هوندي ان ڏينهن ست قسم جي ماڻهن کي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عرش جي ڇانو ۾ رکندو. ان کان پوءِ ان ست ماڻهن جو ذکر کندي هي بہ ارشاد فرمايو: وَرَجُلٌ کَانَ قَلْبُہٗ مُعَلَّقًا بِالْمَسْجِدِ اِذَا خَرَجَ مِنْہُ حَتّٰی یَعُوْدَ اِلَیْہِ، اهو شخص (بہ قيامت جي ڏينهن عرشِ الٰهي جي ڇانو ۾ هوندو) جنهن جي دل مسجد مان هلي وڃڻ کان بعد بہ ٻيهر اچڻ تائين مسجد ۾ ئي لڳل رهي.

(ترمذي، کتاب الزهد، باب ما جاء في الحب في الله،١٨٤/٤،حديث: ٢٣٩٨ماخوذا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ مسجد سان دل لڳائڻ، نماز جي پابندي



www.dawateislami.net

ڪرڻ ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ جا ڪهڙا ڪهڙا فضائل ۽ برڪتون آهن، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هميشه باجماعت نماز ادا ڪيون، چاهي ان جي خاطر اسان کي ڪيتري ئي مشقت برداشت ڪرڻي پوي، اڄڪلهه جيڪڏهن مسجد اسان جي گهر کان ٿوري پري هجي ته اسان معمولي ٿڪاوٽ يا سستي جي ڪري نه صرف جماعت ڇڏڻ جي گناهه ۾ پوندا آهيون بلڪ نمازِ باجماعت جهڙي عظيم سعادت کان محروم ٿي ويندا آهيون. ياد رکو! ته جيڪو نيڪ ڪم جيترو ڏکيو هوندو آهي ان جو ثواب اوترو وڌيڪ هوندو آهي ۽ پوءِ نماز جي خاطر راهِ خدا ۾ هلڻ وارن قدمن جي ته ڳالهه ئي ڪجهه ٻي آهي. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو: اَلْاَبْعَدُ فَالْاَبْعَدُ مِنَ الْمَسْجِدِ اَعْظَمُ اَجْرًا ، مسجد کان پري واري کي ثواب وڌيڪ ملندو آهي ۽ جيڪو ان کان به وڌيڪ پري وارو آهي ان کي ان کان به وڌيڪ ثواب ملندو آهي. (جڻ ته جيئن جيئن مُفاصلو وڌندو ويندو ثواب ۾ به اضافو ٿيندو ويندو).

(ابنِ ماجه، ڪتاب المساجد والجماعات، باب الابعد فابعد...الخ، ۴۳۱/۱، حديث:۷۸۲)

حضرتِ سَيِدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته مسجدِ نبوي عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَام جي آسپاس ڪجهه زمينون خالي ٿيون ته بني سَلَمَه (قبيلي جي حضراتِ صحابهء ڪرامعَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جن چاهيو ته مسجد جي ويجهو اچي وڃون، جڏهن هي خبر نبي ڪريم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَ التَّسْلِيم جن کي پهتي ته فرمايائون: مونکي خبر پهتي آهي ته توهان مسجد جي ويجهو منتقل ٿيڻ چاهيو ٿا. عرض ڪيو: يارسولَ الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ)! جي ها اسان جو ارادو ته اهو ئي آهي، فرمايائون: اي بني سَلَمَه! پنهنجي گهر ۾ ئي رهو، توهان جا قدم لکيا



www.dawateislami.net

ويندا. ۽ دفعا اهو ارشاد فرمايو، بني سَلَمه چون ٿا، تنهنڪري اسان کي گهر تبديل ڪرڻ پسند نہ آيو (يعني انهي بشارت جي سبب اسان گهر تبديل ڪري مسجد جي ويجهو رهائش اختيار ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو).

(مسلم، ڪتاب المساجد... الخ، باب فضل ڪثرة الخطأ الي المسجد، ص۳۳۵،حديث: ۲۸۰.۲۸۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جماعت حاصل ڪرڻ تمام ئي گهڻي فضيلت وارو عمل آهي پر هي بہ ياد رهي تہ جماعت يا رڪعت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي اندر ڊوڙڻ منع آهي، اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ملفوظات شريف ۾ مسجد جا احڪام ۽ آداب بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: مسجد ۾ ڊوڙڻ يا زور سان پير رکڻ جنهن سان ڌبڪو پيدا ٿئي منع آهي.

(ملفوظاتِ اعلٰي حضرت، ص ۳۱۸)

تنهنڪري اسان کي نماز جي لاءِ اهڙي وقت اچڻ گهرجي جو باآساني جماعت ملي وڃي ۽ مسجد ۾ پهچڻو بہ نہ پوي. ڪجهہ ماڻهو اذان کان پوءِ پنهنجي گفتگو يا پنهنجا ٻيا ڪم ڪار جاري رکندا آهن ۽ پوءِ جماعت بيهڻ کان بعد ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسجد ۾ ڀڄندي نظر ايندا آهن، حالانڪ حديثِ مبارڪ ۾ ان کان منع ڪيو ويو آهي. جيئن تہ سرڪارِ دوعالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: لَا تَاْتُوا الصَّلَاةَ وَاَنْتُمْ تَسْعَوْنَ وَاْتُوْهَا وَ عَلَيْكُمُ السَّكِيْنَةُ فَمَا اَدْرَكْتُمْ فَصَلُّوْا وَ مَا فَاتَكُمْ فَاَتِمُّوْا ، نماز جي لاءِ ڀڄندي نہ ايندا ڪيو بلڪ اطمينان ۽ سڪون سان گڏ (معمول جي مطابق هلندي) ايندا ڪيوپوءِ جيتريون رڪعتون ملي وڃن جماعت سان گڏ پڙهي وٺو ۽ جيڪي فوت ٿي وڃن انهن کي (سلام ڦيرڻ کان بعد) مڪمل ڪريو.

(مسند امام احمد، مسند ابي هريره،۳/ ۲۲،حديث:۷۲۳۴)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآن و حديث ۾ جتي نماز پڙهڻ جا ڪيترائي فضائل ۽ برڪتون بيان ڪيون ويون آهن اتي نماز قضا ڪرڻ يا ڇڏڻ جون سخت وعيدون به بيان ڪيون ويون آهن. جيئن ته سيپاري 16 سورۂ مريم جي آيت نمبر 59 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

(پ۱٦،سوره مريم:۵۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.

## خوفناڪ وادي جو هولناڪ کُوھ

بيان ڪيل آيتِ مبارڪ ۾ ''غَیّ'' جو تذڪرو آهي ۽ ان مان مراد جهنم جي هڪ وادي آهي. صَدرُ الشَّرِيعَه، بَدرُ الطَّرِيقَه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اَعظَمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: ''غَیّ'' جهنم جي هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ گهرائي سڀ کان وڌيڪ آهي، ان ۾ هڪ کوھ جنهن جو نالو ''هَبهَب'' آهي، جڏهن جهنم جي باھ وسامڻ تي ايندي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کوھ کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها (جهنم جي باھ) بدستور ڀڙڪڻ لڳندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ﴿كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ﴿۹۷﴾﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن به



www.dawateislami.net

وسامڻ لڳو تہ اسان ان کي اجان وڌيڪ پڙڪائيندا سي. (پ۱۵، بني اسرآئيل:۹۷) (مزيد فرمائن ٿا تہ) هي کوهہ بي نمازين ۽ زانين ۽ شرابين ۽ سُود خورن ۽ ماءُ پيءُ کي ايذاء ڏيڻ وارن جي لاءِ آهي. (بهارِشريعت،حصہ سِوُم،۱/۴۳۴) ياد رکو! هڪ بہ نماز جاڻي واڻي ڇڏي ڏيڻ کبيره گناهہ آهي. فتاوٰي رضويہ جلد 9، صَفحَي 158 تي آهي: جنهن قصدًا (جاڻي واڻي صرف) هڪ وقت جي (نماز بہ) ڇڏي، هزارين سال جهنم جي ۾ رهڻ جو مستحق ٿيو، جيستائين توبہ نہ کري ۽ ان جي قضا نہ کري وٺي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو تہ جڏهن هڪ نماز جاڻي واڻي ڇڏڻ تي هزارين سال جهنم ۾ رهڻو پوندو تہ جيڪو شخص پوري ڏينهن جون تمام نمازون جاڻي واڻي ڇڏي ڏي بلڪ ان بُري خصلت جو عادي هجي ۽ نماز بلڪل ئي نہ پڙهندو هجي تہ اهو ڪيتري قدر سخت عذاب ۾ مبتلا رهندو. تنهنڪري جلد کان جلد اڄ ئي نمازون ڇڏڻ جي گناهہ کان سچي پڪي توبهہ کري وٺو ۽ باقاعدگي سان نمازن جو اهتمام ڪرڻ سان گڏوگڏ قضا نمازن جي ادائيگي جي نيت بہ ڪريو نہ تہ ياد رکو تہ جهنم جو عذاب ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ٿي سگهندو. منقول آهي تہ جنهن شخص کي جهنم جو سڀ کان هلڪو عذاب ڏنو ويندو تہ ان عذاب جي تڪليف ايتري هوندي جو اهو گمان ڪندو تہ سڀ کان وڌيڪ عذاب مونکي ئي ڏنو پيو وڃي. حالانڪ معاملو ان جي برخلاف هوندو. حضرت سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا روايت ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ دوزخين مان سڀ کان هلڪو عذاب جنهن کي ٿيندو ان کي باهہ جون جوتيون پارايون ويندريون جنهن سان ان جو دماغ ٽهڪڻ لڳندو.

(بخاری، باب صفة الجنة والنار ، ۴/۲۶۲،حدیث:۶۵۶۱)



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جامعة المدينہ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نمازن ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي نهايت مفيد آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول تمام ئي عظيم نعمت آهي جنهن تي رب تعاليٰ جو جيترو شڪر ادا ڪيو وڃي ٿورو آهي. تنهنڪري توهان کي مدني التجا آهي ته دعوتِ اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول سان هردم وابسته رهو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلائيون حاصل ٿينديون. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي تادمِ تحرير 97 کان وڌيڪ شعبہ جات ۾ سُنتن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي انهي مان هڪ شعبو جامعة المدينہ بہ آهي. شيخ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مقدس جذبي جي تحت علمِ دين کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام **جامعة المدينہ** جي سڀ کان پهرين شاخ 1995ء ۾ نيو ڪراچي جي علائقي گوڌرا ڪالوني باب المدينہ (ڪراچي) ۾ کولي وئي ۽ هن وقت تائين اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا جي مختلف ملڪن مثلاً پاڪستان، هند، جنوبي افريقہ، انگلينڊ، نيپال ۽ بنگلاديش وغيره ۾ جامعة المدينہ لِلْبَنِيْن ۽ لِلْبَنَات قائم آهن، جن ۾ هزارين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون علمِ دين حاصل ڪري نہ صرف پنهنجي عِلم ۾ اضافو ڪندا آهن بلڪ ٻين کي بہ فيضانِ علم سان منوّر ڪرڻ ۾



www.dawateislami.net

مصروف آهن. ان **جامعات المدينہ** جي خصوصيت هي آهي تہ ديني تعليم سان آراستہ ڪرڻ سان گڏوگڏ طَلَبہ جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت بہ ڪئي ويندي آهي تنهنڪري توهان بہ پنهنجي اولاد کي جامعات المدينہ ۾ داخل ڪرائي انهن جي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي بهتر بڻايو.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　　　اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون پياريون مدني بهارون آهن اچو تہ پڙهون ۽ ايمان تازو ڪريون.

## فلمون ڏسڻ جو شوقين عالم ڪيئن بڻيو؟

باب المدينہ ڪراچي جا هڪ مدني اسلامي ڀاءُ (عمر تقريبًا 32 سال) پنهنجي داستانِ عشرت جي خاتمي جو احوال ڪجهه هن ريت بيان ڪن ٿا: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرين گناهن جي وادي ۾ گُم هئس. افسوس! جو منهنجو اٿڻ ويهڻ بہ اهڙن ماڻهن ۾ هو جيڪي طرح طرح جي گناهن ۾ ملوث هئا. اسين سڀ دوست ملي ڪري فلمون ڏسندا هئاسين. اهڙي ئي هڪ شام هئي، آئون پنهنجي دوست جي گهران فلم ڏسي ڪري پنهنجي گهر وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ هڪ سبز عمامي واري هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي روڪي ورتو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي درخواست ڪئي. مون نفس جي پُڪار تي بهانو ناهي ڪري چيو: آئون اڪيلو ڪيئن وڃان،



www.dawateislami.net

منهنجو ڪو دوست بہ نہ گڏ هجي. ان اسلامي ڀاءُ مٺي لهجي ۾ جواب ڏنو: آئون آهيان نہ توهان جو دوست. انهن جو محبت ڀريو انداز ڏسي ڪري مون ڪان انڪار نہ ٿي سگهيو. آخرڪار آئون راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو مسافر بڻجي ويس. مَدَني قافلي ۾ منهنجا ڏينهن رات عبادت ۾ گذريا، آئون گناهن جي آلودگي ڪان ڀَري رهيس. الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر منهنجي ڪنن ۾ اثر ڪندو ويو. منهنجي دل ۽ دماغ کي تازگي ملي. آخري ڏينهن جڏهن رخصت ڪان پهرين اختتامي دعا گهري وئي تہ منهنجي اکين جي وادين مان لڙڪن جا چشما وهڻ لڳا. مون پنهنجي گناهن ڪان توبهہ ڪئي ۽ پنهنجي مٿي تي سبز سبز عمامو شريف سجائي ورتو. مدني قافلي ڪان واپسي اچڻ ڪان پوءِ مون پنهنجي بُرن دوستن جي صحبت ڪان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي ۽ منهنجا ڏينهن رات دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه مدني ماحول ۾ گذرڻ لڳا. پوءِ فيضانِ مرشد جو مينهن مون تي ڇماڇم وسيو ۽ مون جامعة المدينہ بابُ المدينه ڪراچي جي شعبہ درسِ نظامي ۾ داخلا وٺي ورتي. 2000ء ۾ اميرِ اهلسنّت دامت برکاتہم العالیہ جي هٿان دستارِ فضيلت پنهنجي مٿي تي سجائي. (تادمِ تحرير) مونکي جامعة المدينه ۾ تدريس ڪندي 11 سال ٿي ويا آهن. ان سان گڏوگڏ رڪنِ ڪابينہ مجلسِ رابطہ بالعلماء والمشائخ جي ذميداري بہ مليل آهي.

دعوتِ اسلامی کی قَیوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یاالله میری جھولی بھر دے



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ جي اميرِ اهلسُنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمين بجاهِ النّبيِّ الْاَمين صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان فلمون ڏسڻ جو شوقين نوجوان، ديني ڪتابن جي مطالعي جو شوقين ٿي ويو ۽ نہ صرف عالم بلڪ ٻين کي علمِ دين سيکارڻ وارو بڻجي ويو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاھ نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي. ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.“

(مشکاۃ الصابeح،کتاب الاeمان،باب الاعتصام بالکتاب و السنۃ،۱/۹۷،حدیث:۱۷۵)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان مسواڪ (ڏنڊڻ) جا مدني گل ٻڌڻ جي سعادت



www.dawateislami.net

حاصل ڪيون ٿا.

پهرين ۾ **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻہ رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن: (ڪجهہ هي آهن) وات کي صاف ڪري ٿو، مَهارُن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو. ۞ سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ (احياءالعلوم ج 3 ص 27) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي جو هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي ۞ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلائي نہ ڇڏيو، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن سان ٻڌي سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

(بهارشريعت ج 1 ص 294 مكتبةالمدينہ، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 250)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل 2 ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو



www.dawateislami.net

16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

تين دن ہر ماہ جو اپنائے مدنی قافلہ

بے حساب اس کا خدایا! خلد میں ہو داخلہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (3)

[3]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهَ معاف ڪيا ويندا.(4)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(5)

## (4) ڇهلک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (6)

---

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[5] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[6] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[7]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

7...القول البديع، الباب الاول، ص125

8... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[9]

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحہ 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[9] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net